SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريہ 2013

# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 2013

# سنڌ هاءِ ڊينسٽي ڊيولپمينٽ بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 2013

# THE SINDH HIGH DENSITY DEVELOPMENT BOARD (AMENDMENT) ORDINANCE, 2013

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title, Commencement and

2. سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريہ 2010 جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Act. X of 2010

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريه 2013

# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 2013

# سنڌ هاءِ ڊينسٽي ڊيولپمينٽ بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 2013

# THE SINDH HIGH DENSITY DEVELOPMENT BOARD (AMENDMENT) ORDINANCE, 2013

[21 فيبروري 2013]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ هاءِ ڊينسٽي ڊيولپمينٽ بورڊ ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ هاءِ ڊينسٽي ڊيولپمينٽ بورڊ ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون

آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ هاءِ ڊينسٽي ڊيولپمينٽ بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 2013 سڏيو ويندو.<br>(2) هيءُ في الفورنافذ ٿيندو. | مختصرعنوان ۽ شروعات<br>Short title, Commencement and |
| 2. سنڌ هاءِ ڊينسٽي ڊولپمينٽ بورڊ ايڪٽ 2010 ۾، دفعہ 3 لاءِ، هيٺين کي متبادل بڻايو ويندو:- | سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريہ 2010 جي دفعہ 4 جي ترميم<br>Amendment of section 4 of Sindh Act. X of 2010 |

"3. **بورڊ جو آئين.** حڪومت هن ايڪٽ تحت صوبي جي شهرن لاءِ هڪ بورڊ جوڙيندي. بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:- "

| | | |
|---|---|---|
| i. | وزيراعليٰ سنڌ | چيئرمين |
| ii. | صوبائي وزير، لوڪل گورنمينٽ ۽ هائوسنگ ٽائون پلاننگ کاتو | وائيس چيئرمين |
| iii. | چيف سيڪريٽري سنڌ | ميمبر |
| iv. | سيڪريٽري، لوڪل گورنمينٽ، هائوسنگ | ميمبر |
| v. | ميئر يا اهڙي صورت ۾ لاڳاپيل ڪائونسل جو چيئرمين ٿي سگهي ٿو | ميمبر |
| vi. | عمارتن جو چيف ڪنٽرولر يا جيئن تہ معاملو لاڳاپيل ضلعي جي عمارتن جي ڪنٽرول جو | ميمبر سان گڏوگڏ سيڪريٽري بہ. |

| | | |
|---|---|---|
| | سربراهہ ٿي سگهي ٿو. | |
| vii. | لاڳاپيل ڪائونسل جي ماسٽر پلان جو سربراهہ | ميمبر. |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**